SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريه 2010
# SINDH ACT NO.X OF 2010
# سنڌ هاءِ ڊينسٽي ڊولپمينٽ بورڊ ايڪٽ، 2010
# THE SINDH HIGH DENSITY DEVELOPMENT BOARD ACT, 2010
## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان، شروعات ۽ اضافو
Short title, Commencement and Extend
2. وصفون
Definitions
3. بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of Board
4. هاءِ ڊينسٽي زونس جي سڃاڻپ
Identification of High Density Zones
5. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريہ 2010
# SINDH ACT NO.X OF 2010
# سنڌ هاءِ ڊينسٽي ڊولپمينٽ بورڊ ايڪٽ، 2010
# THE SINDH HIGH DENSITY DEVELOPMENT BOARD ACT, 2010

[24 جون 2010]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڳتيل آبادين جي ترقيءَ لاءِ بورڊ قائم ڪيو ويندو تہ جيئن صوبي جي شهري علائقن جي ڳتيل آبادين وارن مرڪزن ۾ مربوط ترقي ٿي سگهي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڳتيل آبادين جي ترقيءَ لاءِ بورڊ قائم ڪيو ويندو تہ جيئن صوبي جي شهري علائقن جي ڳتيل آبادين وارن مرڪزن ۾ مربوط ترقي ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، شروعات ۽ اضافو Short title, Commencement and Extend

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ هاءِ ڊينسٽي ڊولپمينٽ بورڊ ايڪٽ، 2010 سڏيو ويندو.

(2) ان جي پوري سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(i) "بورڊ" مطلب هن ايڪٽ تحت صوبي جي شهرن لاءِ جوڙيل هاءِ ڊينسٽي ڊولپمينٽ بورڊ؛

(ii) "بلڊنگ ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ" مطلب هڪ بلڊنگ ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ يا سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول آرڊيننس،

1979 تحت قائم ڪيل ڪاتو جيڪو درخواستن تي عمل ڪري ۽ دفعه 3 تحت قائم ڪيل بورڊ جي رهنمائي ۾ اسڪيمن ۽ پروجيڪٽس جي منصوبن جي منظوري ڏئي؛

(iii) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(iv) "هاءِ ڊينسٽي زونس" مطلب صوبي اندر شهري مرڪزن ۾ وڏين عمارتن جي تعمير لاءِ هن ايڪٽ تحت هاءِ ڊينسٽي ڊولپمينٽ بورڊ طرفان چاڙايل علائقو؛

(v) "ميمبر" مطلب دفعه 3 تحت بورڊ جو مقرر ڪيل ميمبر؛

(vi) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛ ۽

(vii) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of Board

3. حڪومت هن ايڪٽ تحت صوبي جي شهرن لاءِ هڪ بورڊ جوڙيندي، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (i) سنڌ جو گورنر | چيئرمين |
| (ii) سنڌ جو وڏو وزير | ڪو چيئرمين |
| (iii) لوڪل گورنمينٽ ۽ هائوسنگ ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ جو وزير | ميمبر |
| (iv) سنڌ جو چيف سيڪريٽري | ميمبر |
| (v) لوڪل گورنمينٽ هائوس جو سيڪريٽري | ميمبر |
| (vi) لاڳاپيل ضلعي جو ناظم | ميمبر |
| (vii) لاڳاپيل ضلعي جو چيف ڪنٽرولر آف بلڊنگس يا هيڊ آف بلڊنگ ڪنٽرول، جيئن معاملو هجي. | ميمبر / سيڪريٽري |
| (viii) لاڳاپيل ضلعي جو ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر، ايم پي جي او يا هيڊ | ميمبر |

| | |
|---|---|
| آف ماسٽر پلان، جيئن معاملو هجي. | |
| 4. بورڊ مک منصوبي جي عام اصولن جي روشني ۾ يوٽيلٽي ايجنسيز سان مشاورت بعد صوبي جي شهرن جي شهري مرڪزن ۾ هاءِ ڊينسٽي زونس جي نشاندهي ڪندو ۽ نشان لڳائيندو. | هاءِ ڊينسٽي زونس جي سڃاڻپ Identification of High Density Zones |
| 5.حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**